
گل خوشبو يار
آزاد بخاري

سهڻو سو سنسار، جنهن ۾ منهنجا جانيڙا، گل خوشبو ٻار

گل خوشبو ٻار

(ٻارڙن لاءِ شاعري)

آزاد بخاري

N.A. JAN FOUNDATION

اين. اي جان فائونڊيشن حيدرآباد

2008ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

All Rights Reserved to the Authority

Gul Khushibu Baar

(Poetry for Children)

By: Azad Bukhari

Composed By: Raz Muhammad & Pervash
Published By: Raja Idrees Laghari
Secretary
N. A Jan Foundation
12- Old Campus Hyderabad
(Mob:0346-3818859- 0346-3799739)
Printed By: Nadeem Ahmed
Salam Press, Gari Khata, Hyderabad
N. A Jan Foundation Book No: 8
Edition: 1- July-2008
Qty: 1000
Per Copy: 20/-

پبلشر پاران

موجوده دؤر جديد ٽيڪنالوجيءَ جو دؤر آهي. هن دؤر ۾ اسانکي پنهنجي نوجوان نسل کي به هن دؤر جي نزاڪت کي سامهون رکندي اهڙوئي مواد سرجي ڏيڻو پوندو جيڪو موجوده دؤر جي پيڙا ڪري سگهي ۽ دلچسپ هجي، جو اسانجو نوجوان نسل ان طرف لاڙو ڪري.

سنڌ ۾ سنڌي ٻاراڻي ادب جا تخليقڪار اڳي ئي ٿورا آهن ۽ جيڪي آهن انهن جو اڳ ڪيل پورهيو به اجان ڇپجي نہ سگهيو آهي ان ڪري هو اڳتي قلم کڻڻ کان قاصر ٿيندا پيا وڃن. منهنجي خيال ۾ جيستائين انهن جو اڳ سرجيل مواد شايع نہ ٿيندو ۽ انهن جي حوصلي افزائي نہ ٿيندي تہ هو موجوده دؤر جي گهرجن مطابق نئون ۽ جديد ادب تخليق نہ ڪري سگهندا. ان لاءِ اسانجي ادارن کي عملي طور ڪم ڪرڻ گهرجي، ٻاراڻي ادب تي سرجيل اڳيان ڪتاب شايع ڪن تہ جيئن نئين ادب کي وجود ۾ آڻي سگهجي. ان لاءِ ادارن سان گڏ انهن اديبن کي بہ صلاح ٿي ڏجي تہ هو ادارن سان لهہ وچڙ ۾ اچي پنهنجا ڪتاب شايع ڪرائن ۽ وري نئين سر ٻيا ڪتاب تخليق ڪن.

اين. اي جان فائونڊيشن پاران وس آهر ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ ٻاراڻي ادب کي هٿي وٺرائجي. هي ڪتاب ”گل خوشبو ٻار“ جيڪو سنڌ جي ساڃهہ وند اديب ۽ شاعر محترم آزاد بخاري جو تخليق ڪيل آهي، بہ انهيءَ ڪوشش جي ڪڙي آهي.

محترم آزاد بخاري سنڌي ادب ۾ گهڻو اڳ پاڻ کي مڃائي چڪو آهي ۽ هڪ غير معمولي حيثيت ماڻي چڪو آهي. اميد تہ ٻارڙن لاءِ سرجيل سندس هي ڪتاب ٻاراڻي ادب ۾ سٺي مقبوليت ماڻيندو ۽ پنهنجي الڳ جاءِ والاريندو.

احسان علي لغاري
چيئرمن
اين. اي جان فائونڊيشن

حيدرآباد
16- جولاءِ 2008ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

پنهنجن پيارن پٽن

☆ مُرڪ سنڌو

☆ هالار حسين شاهه

☆ سالار حسين شاهه

☆ همير حسين شاهه

☆ تنوير حسين شاهه

☆ احرار حسين شاهه

جن جي نانءُ

آزاد بخاري
چڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنوتري

- پنهنجي ٻاران - آزاد بخاري 6
- ڌرتيءَ سان الفت جو اظهار ڪندڙ شاعر - علام محمد غازي 7
- ٻاراڻي ادب جي آبياري ڪندڙ آزاد بخاري - خالد آزاد 10
- ٻاراڻي شاعريءَ ۾ جديد فڪري لاڙن جو امين - حاڪم گل 11
- اسان جو سائين 12
- امن جو مهندار 13
- ڌرتي 14
- ڪمپيوٽر 15
- چيڪي مٽي چڪ جي 16
- هل ته هلون اسڪول 17
- لطيف جون وايون 18
- گڏيون 19
- اي بي سي 20
- ڀڳت ڪنور رام 21
- ٻار نيڻن تار 22
- پوپٽ 23
- پيپ 24
- ريل رنگيلي 25
- صفائي 26
- چنڊچلداس 27
- گول 28
- چولا 29
- ٽيڙو 30
- ٻينگهه 31
- ڍاوڙو 32
- ڏيڏڙي ڏينڊو 33
- ٻاراڻا ٻول 34
- لانون 35
- رات 36
- ورزش 37
- ڪِڪِڙي 38
- ٻولي 39
- ڏاڙهي 40
- سائيڪل 41
- پلهڻ 42
- ڪوهر 43
- گاڏيڙو 44
- لغڙ 45
- ڪُڪڙ 46
- لولي 47

پنهنجي ٻاران

ڪيتري عرصي کان سنڌي پڙهي ته ٻارن لئه ڪيل شاعري کي ڪتابي صورت ڏئي ڇپرايان، پر پئسي جي کوٽ سبب اهو سپنو بروقت ساڀيان ٿي نه سگهيو. دوست احسان علي لغاري کي خيال ڏيکاريم ته هن چيو "ڪنجي سڄي ڪتاب شايع ڪرائبو" مون به همٿ ٻڌي ڪيس مواد ڏنو. ڪتاب جو نالو مون اڳ ۾ ئي مقرر ڪيو هو "گل خوشبو ۽ ٻار" هاڻ ڏسون ته مون ٻارن لئه جيڪا شاعري ڪئي آهي، اها ادبي دنيا ۾ ڪيتري قبول پوي ٿي. هون ۾ ٻاراڻي شاعري ان ڪري به ڏکي آهي جو شاعر کي ٻار ٿي لکڻو پوي ٿو. جيڪو مونکان گهٽو ڪري ٿي نه سگهيو آهي. بهرحال جيڪو لکيو اٿم اهو حاضر آهي. يقين اٿم ته ليکڪ ۽ پڙهندڙ دوست منهنجي، ڪوتاهين جي نشاندهي ضرور ڪندا ڪتاب ۾ وندر وارا ٿوري ناصحانا نظم ڏين جي ڪوشش ڪئي اٿم. هي منهنجو ٻارن لاءِ شاعري جو پهريون ڪتاب آهي. جنهن ۾ ڏنل شاعري ڪنهن به رسالي ۾ ناهي ڇپي.

سنڌي ۾ ٻاراڻي شاعري جي عمارت جو بنياد ڪشنچند بيوس ۽ هري دلگير رکيو جنهن جي پويان پيا ڪيترائي وڏا نالا اچي وڃن ٿا. جن جي راهه تي هلندي مون به ڪچا، پڪا، ٻال شاعري جا ٽوٽڙا رکيا. ڪوشش ڪئي اٿم ته جيئن ٻاراڻي شاعري جي عمارت کي سهڻو بڻائڻ ۾ منهنجو به حصو رهي. اميد اٿم ته منهنجي هيءَ محنت سڦل ٿيندي.

آءُ انهن سڀني دوستن جن هن سلسلي ۾ منهنجو ساٿ ڏنو سائين غلام علي چنو، گوهر سنڌي، غلام محمد غازي، حاضر گل، اڪرم مهر، محمد حسين مهر جو ٿورائتو آهيان.

"آزاد بخاري"

چڪ، ضلع شڪارپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏرتيءَ سان الفت جو اظهار ڪندڙ شاعر

سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ ڪيترن ئي شاعرن، ڪهاڻيڪارن پنهنجو پاڻ ملهايو آهي انهن ۾ آزاد بخاري بہ هڪ آهي: جنهن ٻارڙن سان الفت جو اظهار ڪندي ڪجھ نظم لکي هڪ ڪتابي صورت ۾ آندا آهن. آزاد سان منهنجو ناتو تمام پراڻو آهي ائين ڪٿي چئجي تہ جڏهن ڪان هو پڙهندو هو، تڏهن ڪان ئي اسين هڪٻئي جا ساٿي هئاسين. هاڻي اهو رشتو وڌي وڻ ٿيو آهي. آزاد سان گھرائپ، قومي ڌارا ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ پڻ آهي. هو هڪ سٺو قومي ورڪر بہ آهي.

آزاد جو جنم پهرين مئي 1966ع تي چڪ شهر ۾ ٿيو. پوءِ اتي ئي تعليم حاصل ڪيائين هن 1983ع ڪان لکڻ شروع ڪيو. سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ مواد ڇپيو. "سندر ناري"، "ڪامريڊ ابو شوڪت حمزي جي شخصيت ۽ شاعري" ۽ "رواداري" (ترجمو) ٽي ڪتاب ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي چڪا اٿس. آزاد هڪ ليکڪ ڪان علاوه سماجي ورڪر ۽ آرٽ جو بہ سٺو ڄاڻو بہ آهي. هن وقت هو منهنجي ڳوٺ عبدوءِ ۾ آرٽ جو استاد آهي. آزاد جي اندر ۾ وينل آرٽ ۽ ادب جو ماهر هِن ڪان ئي اهو سڀ ڪجھ ڪرائي پيو. آزاد ٻارن سان گڏوگڏ وڏن لاءِ بہ شاعري ڪئي آهي. سندس شاعري ۾ خوشحالي، امن، آزادي، انساني روين، سنڌي قوم، سنڌي ٻولي، جاگيرداري خلاف ۽ پوري انسان ذات جي ڏکن اهنجن، ايذائن ۽ سکن جون ڳالهيون ڪيل آهن. اميد تہ آزاد جي اها مشق جاري رهندي ۽ دعا آهي تہ اڳ ڪان رڏيڪ سٺو شاعر، نثرنگار ۽ مصور ٿي اڀرندو.

آزاد بخاري هن شعري مجموعي "گل خوشبو ٻار" وسيلي اهي سڀ رنگ ڏنا آهن، جيڪي ٻار کي متوجه ڪرڻ لاءِ ضروري هوندا آهن هن ڪتاب جي شروعات حمد باري تعاليٰ سان ڪئي آهي پوءِ نعت ۽ ٻين ڪيترن عنوانن، ونڊر، راند روند، ٻاراڻا ٻول، وطن جي حب، تفريح ۽ نصيحت واري شاعري ڪري هڪ بهتر ڪتاب ڏنو آهي. باقي تنقيد نگارن تي ڇڏيل آهي تہ اهي سندس ڪيل ٻورهيي کي ڪهڙي عقلي نگاهہ سان پرکين ٿا.

حمد معنيٰ ساراهہ، واکاڻ. انهيءَ جي جنهن پنهنجي قدرت سان هن سنسار کي جوڙيو ۽ بخشيائين حسن کي ۽ ٺهي ڪيائين مان انسان جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظاهر آهي تہ هي ڪتاب، هڪ انسان جو لکيل آهي ۽ ڪوبہ انسان غلطين کان آجو ناهي، انڪري ان قادر جي حمد و ثنا ۾ هر شيءِ صبح و شام محو آهي. توهان ڏسو تہ جيڪي بہ آسمان ۾ آهي ۽ جيڪي بہ زمين ۾ آهي سي سڀ رب جو شان ۽ پاڪائي بيان ڪن ٿا. ڀر ڪولي اڏامندڙ پکي بہ سندس شان ۽ پاڪائي بيان ڪن ٿا. ساڳئي هستي متعلق اسان جو نوجوان شاعر آزاد بخاري بہ هيئن پيو حمد بيان ڪري.

اسان جا اي سائين ٻاجهارا اي سائين،
سڀن جا اي مالڪ سهارا اي سائين.
تنهنجي در تي سر کي نوايون ٿا هر پل.
ادا ٿي وڃن شل ڪنارا اي سائين.

بيشڪ اهوئي تہ سهارو آهي، ٻاجھ ڪندڙ، وحده لاشريڪ آهي. حمد باري تعاليٰ کانپوءِ آقاءِ نامدار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي تعريف ڪندي هڪ نعت بہ لکي آهي.

نعت جي معنيٰ تعريف يا وصف آهي جيڪا رسول الله ﷺ جي شان ۾ لکي وڃي ٿي. نعت سڀ کان پهريون عربي ٻوليءَ جي ادب ۾ ملي ٿي. اها نعت مائي حليمہ، نبي ڪريم ﷺ کي ٻڌائيندي هئي. حضرت حسان بن ثابت مداح رسول الله ﷺ هو. هن ڪيترائي شعر مدح ۾ لکيا ۽ چيا، جن کي سرڪار دو عالم ٻڌي ڪري ڏاڍو خوش ٿيندا هئا، ۽ حسان کي چوندا هئا تہ ممبر تي ويهي شعر ٻڌاءِ شعر ٻڌي پاڻ فرمايائون تہ جڏهن حسان شعر چوندو آهي تہ روح القدس ان جي امداد ڪندو آهي. نبيءِ ﷺ جي مدح ۾ ٻين بہ ڪيترن ئي شاعرن شعر لکيا ۽ مٺڙي آواز ۾ پڙهي ٻڌايا.

آزاد بخاري بہ اهڙي پيروي ڪندي هڪ نعت لکي آهي.

محمد ﷺ اسانجو وڏي شان وارو،
محمد ﷺ اسان جو وڏي مان وارو.
محمد ﷺ نہ دهشت نہ نفرت سيکاري،
محمد ﷺ عقيدن جي عزت سيکاري

آزاد بخاري قوم پرست وطن دوست ۽ سماج سڌارڪ آهي. هي انسانيت پلائي ۽ وطن دوستي جو ذڪر ڪندي ٻارڙن کي پنهنجي پياري پوڻ، سنڌ ڌرتي سان الفت جو اظهار ڪندي، ننڍڙن گيتن ذريعي سمجهائي ٿو تہ انسان کي پنهنجي ڌرتي سان هر وقت پيار رهي ٿو. آدم کان وٺي هن وقت تائين اهڙو نہ سحبي جنهن پنهنجي ڌرتي سان الفت جو اظهار نہ ڪيو هجي. ڪيترن جوڏن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جرنلن ڌرتيءَ جي آزادي، خوشحالي لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ جنگيون وڙهيون شاعرن جي شعرن انهن جوڌن جي ڪارنامن کي وڌيڪ جلا بخشي، پٺائي ڪان شيخ اياز سائين، امداد ڪان ادل، اياز گل ۽ انهن ڪان پوءِ نوجوانن ۾ وري آزاد بخاري پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت جو اظهار ڪندي ٻارڙن کي سمجهائيندي چوي ٿو:

ڌرتي پنهنجو ساهه آ،
رهبر پنهنجو شاهه آ.
ڌرتي پنهنجي محبت آ،
جنهن سان پنهنجي الفت آ.

آزاد بخاري پاڻ به هڪ بهترين استاد ۽ مصور آهي، تنهنڪري آزاد شاعري جي رنگن مان ٻارڙن جي ذهن جي ڪينواس تي سهڻا رنگ ڇٽيندي، ٻارڙن کي علم جي روشني ڏانهن سڏي ٿو ۽ چوي ٿو:

استاد اسان کي پاڙهن ٿا،
سچ جي واٽ وٺائن ٿا.
هل ته هلون اسڪول،
او پائو هل ته هلون اسڪول.

اسڪول ئي اها جاءِ آهي جتان ڪيئي عالمن، اديبن، شاعرن، مفڪرن علم جي روشني حاصل ڪري ٻين کي به اُن روشني ڪان روشناس ڪرايو.

آزاد بخاري جي هن مجموعي ۾ اي بي سي جا ته سٺا، ريل رنگيلي، ٻلهڻ، ٻاراڻا ٻول، ڪنور ڀڳت، ڪمپيوٽر ۽ ٻيا سڀ نظم پيارا ڏنل آهن. سندس هي نظم ڏاڍو دلڪش آهي جنهن ۾ هن گول دائري کي بيان ڪيو آهي:

گول گول جاني،
چنڊ پئسو ماني.
گول دنيا گهمو،
ڪونهي سنڌو ثاني.

هي آزاد بخاري جو ٻارن لاءِ شاعري ۾ پهريون قدم آهي. اڳتي ڏسون ته سندس ڪتابي رفتار وڌي ٿي ۽ معيار به وڌي ٿو يا نه؟ آزاد بخاري جي هيءَ محنت سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ سهڻو واڌارو آهي.

غلام محمد غازي
عبدو، شڪارپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارائي ادب جي آبياري ڪندڙ_ آزاد بخاري

منهنجي اڏو نوجوان شاعر "آزاد بخاري" جو ٻارن لاءِ لکيل شعرن جو مجموعو "گل خوشبو ٻار" موجود آهي. هن مجموعي ۾ گهڻو ڪري نصيحت آموز، دلچسپ، وندر ۽ وروڻهن جا گيت شامل آهن. جيڪي پنهنجي موسيقيت ۽ جهيلار جي ڪري نه صرف ٻارن کي متوجه ڪري سگهن ٿا، پر خاص طور تي ڳوٺائو ٻار ان مان تمام گهڻو لطف اندوز ٿي سگهي ٿو.

اسان وٽ گهڻي ڀاڱي ٻارڙن لاءِ شاعري، جا موضوع هڪجهڙا ۽ عام رواجي رهيا آهن. هڪ وڏي عرصي کان وٺي ٻارڙن لاءِ نصيحت آموز گيتن سان گڏ جانورن، پکين، گاڏين، موٽرن ۽ روزمره جي شين بابت، تفريحي شعر لکيا پيا وڃن. جنهن ڪري اهي موضوع هڪ عام ڳوٺائي ٻار لاءِ ته دلچسپي، جو ڪارڻ ٿي سگهن ٿا، پر جديد انفرميشن ٽيڪنالاجي، جي هن دؤر ۾ ساهه کڻندڙ شهري ٻار جا اهڙن موضوعن مان مزو وٺي سگهي ٿو؟ هي، هڪ اهڙو سوال آهي، جيڪو ٿورو ڏکيو ضرور آهي، پر انتهائي اهم آهي. اسان سمورا ليکڪ، جيڪي سنڌي، ۾ ٻارن لاءِ لکون ٿا، انهن کي هن مسئلي تي سنجيدگي، سان سوچڻو پوندو.

. بهرحال، آزاد بخاري نوجوان شاعر آهي، وٽس شاعري، جي اصولن ۽ قاعدن جي شناسائي سان گڏ هڪ ڏورس نگاهه پڻ آهي. سندس قلم، سنڌ جي ٻارڙن لاءِ خوبصورت گيت سرجيا آهن. ان ڪري آزاد بخاري، مان اسان کي پُر اميد رهڻ گهرجي ته هو سنڌ جي ٻارڙن جي سائنسي، علمي ۽ ادبي اوسر لاءِ جديد گهرجن آهر پنهنجو قلم آزمائيندو.

مونکي نهايت خوشي آهي ته "آزاد بخاري"_جي خوبصورت گيتن تي ٻڌل هي، مجموعو منهنجو دوست احسان علي لغاري ۽ هن جو ادارو اين. اي جان فائونديشن شايع ڪري رهيو آهي. ان ڪان وڌيڪ خوشي، جهڙي ڳالهه اها آهي ته هي ادارو "اين. اين جان فائونديشن" هاڻي، سنڌ ۾ ٻارن جي ادب جي سلسلي ۾ پاڻ ميدان لڳو آهي. اها نهايت مسرت جهڙي ڳالهه آهي.

مونکي يقين آهي ته آزاد بخاري، جو هي، مجموعو اقتصادي، سياسي، علمي ۽ ادبي بدحالي، جو شڪار سنڌ جي ٻارڙن لاءِ پيو نه ته به هڪ مُرڪ موٽائي سگهي ٿو، جيڪا بهرحال هر سنڌي ٻار جو پيدائشي ۽ ازلي حق آهي.

خالد آزاد_ حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاراڻي شاعريءَ ۾ جديد فڪري لاڙن جو امين

ٻاراڻي شاعريءَ جي وشالتا تي ڪيترائي شاعر پنهنجي ذهني پورهئي ڪي جديد فڪري لاڙا ڏيئي اڄوڪي دؤر جي چٽي عڪاسي ڪري رهيا آهن ۽ اهڙي جي اوسر لاءِ نوان لاڙا متعارف ڪرائي رهيا آهن. جديد فڪري لاڙا ڏيندڙ اهي شاعر جن وٽ ٻارن لاءِ ڪيترائي خيال من جي ڪينواس تي رقص ٿا ڪن، پر انهن خيالن کي آرٽ جي نموني ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ڪين وسيلا ناهن جنهن سبب اهي يا ته مانو ٿي مايوسيءَ جي ڪن ۾ ويڙهجي ٿا وڃن يا وري شاعريءَ جي سفر کان ڪٽجي ديوار جي ھيٺ پاسي ٻٽ ٻڌجي زندگيءَ جون باقي گهڙيون گذارڻ لاءِ غير فطري طور جيئڻ جو رستو ڳولهين ٿا.

شاعري زندگيءَ جي اهڙين حساڪين کان محروم ٿي ويهي رهڻ انتهائي افسوسناڪ عمل آهي ۽ انهيءَ عمل کي پوئتي ڌڪڻ ۾ آزاد بخاري گهڻو ڪوشان رهيو آهي، توڙي جو اها روايتي غربت واري مجبوري سندس ڏاج ۾ مليل آهي، پر هي هن جو قائل آهي يا ائين ڪٿي چئجي ته سندس شاعرانو جيون روشنيءَ جي منشا واري ڳولها ۾ روان دوان آهي، جيڪو اڳتي هلي ٻاراڻي سڄي جهان کي روشن ڪري سگهي ٿو.

مون آزاد بخاري ۽ سندس شاعريءَ کي تمام ويجهو کان ڏٺو آهي، جهڙي طرح شخصيت ۾ ميناج جا مڻ آهن اهڙي طرح شاعريءَ ۾ نوان گس آهن، جيڪي اڳتيءَ هلي ايندڙ لاءِ مشعل راهه ٻڌجي سگهن ٿا. منهنجي آڏو سندس ٻاراڻي شاعريءَ تي مشتمل ڪوڙ سارا نظم آهن جن اندر ٻارڙن جي حوالي سان سمايل مقصد اهو واضح ڪن ٿا، ته شاعريءَ اندر خيال جي اڏام وسيع آهي ۽ ساڻ فن جي پختگي پڻ ساراهڻ جوڳي آهي. شاعر هوڻ ۾ جدت پسند هوندو آهي پر ڪي ڪي شاعر انهيءَ فڪر کي پوئتي ڌڪي روايتي قسم کي اڃان جيئارڻ جي ڪوشش ۾ مشغول آهن، پر آزاد انهيءَ روايتي عمل کان پاڪ رهيو آهي ۽ جنهن لاءِ مثال اهو ئي ڪافي آهي ته هن ٻار ٿي ٻارن جي شاعري ڪئي آهي. جنهن کي پرکڻ، پرجهڻ ۽ پڙهڻ ڪانپوءِ ٻارن جي ذهني اوسر پختي ٿي ويندي ۽ هڪدم انهيءَ لکڻي جي پڙهڻ ڪانپوءِ متاثر ٿي هو ضرور عمل پيرا ٿيندا.

حاڪم گل

مالهي ڳوٺ- شڪارپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسانجو سائين

اسانجا اي سائين، ٻاجهارا اي سائين،
سڀن جا اي مالڪ، سهارا اي سائين.

تنهنجي در تي، سر کي نوايون ٿا هر پل،
ادا ٿي وڃن شل، ڪفارا اي سائين.

اسان کي علم تون، عطا ڪر عليم.
جهل کان ڪريون سڀ ڪنارا اي سائين.

تون ئي آهين والي، تون ئي پرجهلو آن،
ثنا تنهنجي ڳايون ٿا پيارا اي سائين.

وڙهون ڪين مولا، تون نفرت ڪڍي ڇڏ،
ٻڌي ايڪي سان ٿيون، سوڀارا اي سائين.

دعا پيا گهرون توکان خالق وطن لئه،
سلامت رهن سنڌ وارا اي سائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امن جو مهندار

محمد ﷺ اسان جو، وڏي شان وارو،
محمد ﷺ اسان جو، وڏي مان وارو.

محمد ﷺ سان محبت آهي گھڻي ڪي،
محمد ﷺ آ نالو افضل سڀن تي.

محمد ﷺ جي شفقت ساري زمان تي،
محمد ﷺ ٿي آيو رحمت جهان تي.

محمد ﷺ اسان کي علم آ عطا ڪيو،
محمد ﷺ جهالت کي آهي فنا ڪيو.

محمد ﷺ نه دهشت نه نفرت سيکاري،
محمد ﷺ عقيدن جي عزت سيکاري.

محمد ﷺ ڇڏيو دين دنيا کي ٺاهي،
محمد ﷺ مٿي جو مٿو نانءُ آهي.

محمد ﷺ يتيمن جو دلدار آهي،
محمد ﷺ امن جو ته مهندار آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌرتي

ڌرتي پنهنجو ساهه آ،
رهبر پنهنجو ”شاهه“ آ.

ڌرتي پنهنجي محبت آ،
جنهن سان پنهنجي الفت آ.

ڌرتي پنهنجو ذڪر آ،
لطيف پنهنجو فڪر آ.

ڌرتي پنهنجي زندگي آ،
جنهن لئه پنهنجي بندگي آ.

ڌرتي پنهنجو ايمان آ،
جنهن سان پنهنجو مان آ.

ڌرتي پنهنجي لولي آ،
سهڻي پنهنجي ٻولي آ.

ڌرتي پنهنجو ڌرم آ،
رب جو پاڻ تي ڪرم آ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمپيوٽر

وسهتي واهڻ شهر شهر،
گهر گهر پهتو ڪمپيوٽر.

نت نوان ٿو سبق سيکاري،
فوٽو سڀ جا رکي سنڀاري،
سون برابر ڪمپيوٽر، گهر گهر پهتو ڪمپيوٽر.

تختي، بورڊ تي آڱر رکي،
مانيٽر تي ناهيو پکي،
آ جادوگر ها ڪمپيوٽر، گهر گهر پهتو ڪمپيوٽر.

آمريڪا گهڻائي توڙي روس،
ننڍڙو سندس هڪ مائوس،
وقت جو رهبر ڪمپيوٽر، گهر گهر پهتو ڪمپيوٽر.

سي پي يو آ هُن جو دماغ،
وائرس جو نہ ڪٽي داغ،
ياد جو ساگر ڪمپيوٽر، گهر گهر پهتو ڪمپيوٽر.

علم سان آهي مالامال،
سکي کيڏي هرڪو ٻال،
حڪر جو نوڪر ڪمپيوٽر، گهر گهر پهتو ڪمپيوٽر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيڪي مٺي چڪَ* جي

گاڏي ڪٽي ڪاٺ اچي،
چيڪي مٺي چڪَ جي، ڪنير ٻاهن جنهن مان ٿانوَ.
پوڪن ڪي پاٺي ڏين،
سرنا واهڙ چڪَ جا، اصغر، رجب، جن جا نانوَ.
جر مان اچي جام ٿو،
ٿڌڙو پاڻي چڪَ جو، ناري ماٺهن جا ٿو هانوَ.
ساري تر ۾ ها مشهور،
باغ انبن جا، چڪَ جا، ڪندا ها جي گهاٽي ڇانوَ.
هر ڪو ٻيندو هو ونڻ،
مفتي مٺائي چڪَ جي، حلواين ڪي هيا ڏانوَ
سوير ويندا هن اسڪول،
راڻا ٻار چڪَ جا، شيون ڪسن جن ڪان ڪانوَ.
همٿ هشمت ساڻ هلن،
'آزاد' جوان چڪَ جا، مائرن هٿان لهن لانوَ.

* چڪ= شهر جو نالو. هي شهر تعلقي لکي، ضلع شڪارپور ۾ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هل ته هلون اسڪول

هل ته هلون اسڪول،
او پائو، هل ته هلون اسڪول.

’هالار‘ هلي، ’سالار‘ هلي،
گهَنڊ وڄي، ’احرار‘ هلي، هل ته هلون اسڪول.
او پائو ـس ـ هلون اسڪول.

’تنوير‘، ’همير‘ به ڊوڙي اچن،
ٽيلها ڪٽي اسڪول وڃن، هل ته هلون اسڪول.
او پائو، هل ته هلون اسڪول.

علم جي مٺي آهي سرڪ،
تون به ڪِتابَ ڪڻ ”ناطق“، هل ته هلون اسڪول.
او پائو، هل ته هلون اسڪول.

راهه اهائي سهڻي آهي،
منزل تي جا پهچائي، هل ته هلون اسڪول.
او پائو، هل ته هلون اسڪول.

استاد اسان کي پائن ٿا،
سچ جي واٽ ونائن ٿا، هل ته هلون اسڪول.
او پائو، هل ته هلون اسڪول.

”علم سويرو“ ٿي نه ختم،
صبح ٿيندو ڪر نه غم، هل ته هلون اسڪول.
او پائو، هل ته هلون اسڪول.

• ناطق (گل) پٽ حاڪم گل مهر، ڳوٺ مالهي، شڪارپور.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف جون وايون

سنڌ جا ترانا، لطيف جون وايون،
اچو ٻارو ڳايون، لطيف جون وايون.
هوشو کي ٻڌايون، دودي کي سڻايون،
اچو ٻارو ڳايون، لطيف جون وايون،
رنئل پرچايون وڇڙيل ملايون،
اچو ٻارو ڳايون، لطيف جون وايون.
ستل سڀ جاڳايون، ويٺل سڀ اٿاريون،
اچو ٻارو ڳايون، لطيف جون وايون.
علم جي لاٽ کي، ٻاٽ ۾ ٻاريون،
اچو ٻارو ڳايون، لطيف جون وايون.
فڪر سيد کي، جهنگ جهر پهچايون،
اچو ٻارو ڳايون، لطيف جون وايون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گُڏيون

پنھنجي گھر ۾ رانديون آھن،
بابا گُڏڙيون آنديون آھن.

”مھڪ“ گُڏين کي ھار پارايا،
”مرڪ“ گُڏين کي لٽڙا ڍڪايا.

”مھڪ“ جي گُڏي آھہ لباڙي،
”مرڪ“ جي گُڏي ناھي ڏاڙي.

اچو گُڏين جي، شادي ڪرايون،
اچو تہ سَھرا، گِيچ ڳايون.

جھمر ھٽون ۽ تاڙيون وڄايون،
ٺاھي ڪاغذ جون شرنايون.

سھرو آھي گُوگُ گُڏين جو،
سھٽو ٿي سنجوڳ گُڏين جو.

”مھڪ“ ڪٽي آئي پتاشا،
”مرڪ“ چٽن جا ڪوھر آندا.

ٻارن ڪاٺي ڪيو ڍوءُ،
گُڏين جو بہ لٿو پوءُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي، بي، سي

اي بي سي: سوير اٿي ننڊ مان،
نيراني پاڻي پي
ڊي اِي ايف: ٽڙ ڪري ڪپڙا پاءِ،
ڪولي پنهنجي سيف.
جي ايچ آءِ: وڃ وڃي اسڪول ۾،
سبق ياد پڙاءِ.
جَي ڪي ايل: جلد تون تيار ٿي،
وڃي پيو بيل.
ايم اين او: ٿي وئي اسيمبلي،
دير ڪيئي ڇو؟
پي ڪيو آر: ڪٽي بوڪ استاد کي،
گهرو ڪم ڏيکار.
ايس۔ ٽي۔ يو: اڄ ڪان ڪلاس جو،
مانيٽر آ هُو.
وي۔ ڊبليو، ايڪس: جلد جلد لک ادا،
چاڻ ٿي رسيس.
واءِ زي زيڊ: جيڪو وڙهي يار ٿو،
اهو آهي بيڊ(خراب).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڳت ڪنور رام

سنڌ جو سچو سنت هيو،
"ڪنور" نالي ڀڳت هيو.
ڪٺندو پنهنجي جهولي هو،
ٻارن کي ڏيندو لولي هو.
هندو هجي توڙي مسلم ٻار،
سڀ سان هنجو هيو پيار.
مارُوئڙن لئه هو ديوانو،
صوفي صاف خدا جو ٻانهو.
رڪ ۾ ٻيڇڙي گولي لڳس،
ساھ سرير مان نڪري ويس.
سدا حيات هو ٿي ويو آ،
زنده نانءُ ڪري ويو آ.
سنڌ کي هن تي ناز آهي،
امر سنڌس آواز آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻار نيڻن ٺار

مهاڻي هڪ ڇوڪري،
ڪٽي آئي ٽوڪري.

ٽوڪري ۾ پوپري،
مڃي وڪڻي ڇوڪري.

ڇوڪريءَ کي پلا،
ڪائن ٻارڙا پلا.

پلو هڪ الله آ،
جنهن وڏو ساهه آ.

ساهه منهنجي سنڌ آ،
جيڪا پنهنجي جند آ.

جند منهنجا ٻار هِن،
ٻار نيڻن ٺار هِن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوپٽ

ٻارن ڏاڍو شور مچايو،
ست رنگيلو پوپٽ آيو.
آيو آيو پيارو پوپٽ،
رنگ برنگي نيارو پوپٽ.
هيڊو، ڳاڙهو، ۽ نيرو، ناسي،
پوپٽ پيو آ گهر ۾ ڦاسي.
هيڏي هوڏي ڏاڍو اڏاڻو،
ڪٿي نه مليو هن کي نڪاڻو.
ٻارن چيو پڪڙيو پڪڙيو،
سڀني ڊوڙي ڪپڙو اڇليو.
هڪدم ڪٽي ڦاسايائون،
اوڙي پاڙي گهمايائون.
پوپٽ ڪين ايلاز ڪيا،
هاڻي مونکي ڇڏيو ادا.
اڄ نه، سڀاڻي موٽي ايندس،
پنهنجا رنگ توهان کي ڏيندس.
ٻارن کي ڏئي وچن ويو،
گڏجي ٻارن کيس چيو.
وج وج پيارا سهڻا پوپٽ،
جيءُ سدا من مهڻا پوپٽ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پپل

جھولي ٿو ڏس جھولي،
پپل پيارو وڻ ٿو جھولي.

سنڌ جو وڻ آ پپل پيارو،
ڇانوَ ہر ويھي، ٻاڙو سارو،
ننڍڙا وڏڙا پڪا پوڙھا،
ڳالھائن ٿا ويھي، سوڙھا، جھولي ٿو ڏس جھولي.
پپل پيارووڻ ٿو جھولي.

پپل جي آ ڪائي ناسي،
ڇانوَ ڪري ٿو ڏاڍي گھاٽي،
هن تي ويھي ڪوئل ہولي،
پنھنجي ساٿ، سنگت کي گولي، جھولي ٿو ڏس جھولي.
پپل پيارووڻ ٿو جھولي.

پن پپل جا، ہار ڪٺن ٿا،
ڪيڏن ۽ هڪ ٻئي کي هٽن ٿا،
هندو پاڻي پچن چون ٿا،
روز پپل جي سيوا ڪن ٿا، جھولي ٿو ڏس جھولي.
پپل پيارووڻ ٿو جھولي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريل رنگيلي

ڪاري ڪاري ڪُر،
ريل رنگيلي رُم.

ڪوئل وانگر ڪُوڪ ڪري،
هٿي ٿي ڏاڍي ڏمر، ريل رنگيلي رُمر.

ماڻهن جا ٿي ميڙ ڪٺي،
وڃي پٺي ڇُمر ڇُمُ، ريل رنگيلي رُمر.

ڳاڙهي جهنڊي ساڻ ٻيهي،
سائيءَ سان ڏي لمُ، ريل رنگيلي رُمر.

اسٽيشن تي رڪندي آهي،
ڪٿڻ لئه ٿورو دمُ، ريل رنگيلي رُمر.

منزل تي ٿي پهچائي،
ڪري نه ڪنهن کي گمُ، ريل رنگيلي رُمر.

پٽڙين تي ٻلجي ڪڏهن؛
ٻالڪ تون نه گھمُ، ريل رنگيلي رُمر.

انگڙ ونگڙ نانگ جيان،
هلندي آ ڏمر ڏمر، ريل رنگيلي رُمر.
ڪاري ڪاري ڪُر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفائي

صفائي اسان لئہ ايمان آ اڃ،
صفائي بنا سمجھ، انسان آ اڌ.

صبح سان اٿي ڏندڻ ڪيو،
منهن کي ڌوئي، ٽٽي ڏيو.

هٿن جا پيرن جا، ٿين ننهن وڏا،
يڪدم ڪٽائي، ڪجن سي ننڍا.

ننڍا وار رکجن، لٽا صاف رکجن،
گهرن جا ٿانوَ بہ شفاف رکجن.

گهٽي، پاڙو، پنهنجو پڊر صاف ڪيو،
گڏوگڏ پنهنجو اندر صاف ڪيو.

صفائي ڪتو بہ ڪري ٿو ويهي،
صفائي کي هرڪو ٿو سهڻو چوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊچلداس

چچ مچ چاچو چنڊچلداس،
آهي بيمار ۽ ڏاڍو نراس.

کين کائي کو مچي ماس،
چوي دالين ۾ آهي بانس.

گرمي هن کي ناهي راس،
هر هر پيئي شربت، ساس.

زال سندس آ، گهرجي داس،
ناهي اڪيلي پوءِ به اداس.

گهر کي ڏئي ڌوپ جو واس،
نڪ ۾ پوري ڏي ٿي ناس.

ساڻ هيلي، هن باسي باس،
ڪڏهن نه ڏيندم سائين ناس.

پوري ڪر تون منهنجي آس،
خوش ڪر داتا چنڊچلداس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گول

گول گول ڄاڻي،
چنڊ روپيو ماڻي.

گول ڌرتي، تني،
خلق آ ديواني.

گول سج ڏي ڏلم،
نڪتي اک ۾ آني.

گول ٻانهن ۾ ٻڌي،
پيڻ مونکي ڳاني.

گول اڱڻ ۾ ڦريم،
ڪڍ پٽي ناني.

گول ڪڍي جاءِ ۾،
ڪورينڙو تاني.

گول دنيا گهمو،
ڪونهي سنڌو ثاني.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چولا

چولن واري آندا چولا،
ٻار مڙيا، ٿي آيا ٽولا.

پاپڙ پِلا، بصر پٽاٽا،
مرچ وجهي ٿا کائن ڪاڪا.

ڪٽ ڪان ڪين لنوائن ٿا،
شوق سان چٽڻي چاهن ٿا.

سوسٽ ڪن ٿا چپ چٽن ٿا،
چولا کائي گدگد ٿين ٿا.

گهر ڏي چولا ڪٺي جي ويندي،
ٻالڪ ٻيهر ولڻ تون ايندي.

تازا سستا، صاف ۽ پِلا،
ڇَڪَ جا کائي ڏس تون چولا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڙو

★

تارن ڪئي تنوار؛
چنڊ ڪلي آپ ۾،
چانڊوڪي چوڏار.

★

آئي مند بهار،
بادل برسيا ملڪ تي،
ساوڪ ۽ هٻڪار.

★

هوا ۾ هٻڪار،
مڇي ڦاسي ڪون ٿي،
ڪينجهر ۾ ماڻار.

★

ٻڪرين ۾ ٻيڪار،
ڪتو ڀونڪي ڏڻ ۾،
ڪاڏي ويو ڏنار.

★

گرمي، گهُٽ، غُبار،
شهر جي هر چوڪ تي،
لاٿون، ڏور ٻار.

★

پٺي پٽ تي ٻار،
هاري ٻيو آ سهمي،
ان ڪائي وٺي جهار.

★

ڏاڏو پيو ڏڪار،
ٿر ۾ پاڻي ڪونهي ڪو،
چپ ويٺي سرڪار.

★

سهڻو سو سنسار،
جنهن ۾ منهنجا جانيڙا،
گل، خوشبو ٻار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پينگهہ

پينگهہ تي پيارا لڏن ٿا ٻار،
ننڍڙا وڏڙا ڪلن ٿا ٻار.

هر ڪو پينگهہ تي اچي ريهي،
وارو اچڻ سان لڏي ڪڏي،
خوش ٿي سارا نچن ٿا ٻار، پينگهہ تي پيارا لڏن ٿا ٻار.

پينگهہ ٻڌل آ وڻ ۾ سخت،
ٻارن لڏ آ چڱ ڪو تخت،
هيٺ مٿي ٿي وڃن ٿا ٻار، پينگهہ تي پيارا لڏن ٿا ٻار.

اکڙيون بند ڪرن ٿا ٻار،
پينگهہ تي جي چڙهن ٿا ٻار،
ڪريو ڪريو سڀ چون ٿا ٻار، پينگهہ تي پيارا لڏن ٿا ٻار.

مضبوطيءَ سان رسا جهلن ٿا،
تڪي سان ڌرتي کي ڇڏن ٿا،
هر هر سلام ڪن ٿا ٻار، پينگهہ تي پيارا لڏن ٿا ٻار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طوطو

مون وٽ مِٺُو طوطو آهي،
پڃري ۾ ٿو ٽپا ڪائي.

ٽڪي ڳاڙهي چهنب رکي ٿو،
پڇ ڏگهو سهڻو لڳي ٿو، مون وٽ مِٺُو طوطو آهي.

ٻي پيٽي ٿو ميوا ڪائي ٿو،
مرچ ٽماٽا جام ٽڪي ٿو، مون وٽ مِٺُو طوطو آهي.

جيڪو ٻڌي ٿو اهو چوي ٿو،
مِٺُو پٽ مِٺُو پٽ روز ڪري ٿو، مون وٽ مِٺُو طوطو آهي.

شرير آ ڏاڍو چڪَ هڻي ٿو،
پوءِ به مونکي ڏاڍو وڻي ٿو، مون وٽ مِٺُو طوطو آهي.

جنيد جڏهن اسڪول وڃي ٿو،
جنو جنو ڪري ڪيس سڏي ٿو، مون وٽ مِٺُو طوطو آهي.
پڃري ۾ ٿو ٽپا ڪائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊينڊي ڊينڊو



هڪڙي ڊينڊي هڪڙو ڊينڊو،
گڏجي پاليو تن هو گينڊو.
هڪ ڏينهن سفر تي هليا سي،
گڏجي گينڊي تي چڙهيا جي.
گينڊي کڻي اهڙو ڪيو
وهي ڊينڊيءَ ڪان وٺي ريهه
ڊينڊو ٽڙڪي ڪري پيو
ٿماٽي ڇيڻن ٿسي پيو
ڊينڊيءَ وڏو پار ڪڍيو،
هر ايندڙ ويندڙ کي چيو.

(ڇا چيو؟)

سو ڊينڊو سو ڊينڊو واڙيءَ ڦٿو،
سي واڙون سي واڙون ڪتا گهمن.
سي ڪتا سي ڪتا ڪوڪرا ڪرن،
سي ڪوڪرون سي ڪوڪرون ٻالڪا ٻڌن.
سي ٻالڪ سي ٻالڪ ٻوڙندا اچن،
سي ٻوڙي سي ٻوڙي ڊينڊو ڪڍن.
سي ڪڍي سي ڪڍي گينڊي تي رکن،
سي گينڊي سي گينڊي ٻيهر نه چڙهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاراڻا ٻول



منهنجي گهر جو ننڍڙو،
هلڻ ۾ آ هلڪو.

جنهن کي گيڙن ٻارڙا،
پائي ڏوئي ٽانوڙا.

ٿڌڙو ٿڌڙو پاڻي پيءُ،
جيءُ سدا ٻائو جيءُ.

جيءُ سدا جوان ٿيءُ،
سچو تون انسان ٿيءُ.

ڪائي خوب گهر جان نان،
ماڻيو پنهنجي منزل مان.

ڪانو نانن جي تاڙ ۾،
ويٺا وڻ جي آڙ ۾.

ڪانوَ وڃن جي اڏري،
پوءِ ڪاڻ نان بسري.

بسري ٿيي، ڳڙ ۾،
مزو ٻارن کي لڙ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاٽون

پٽ تي لاٽون هيٺ ڦرن پيا،
ننڍڙا ننڍڙا ٻار ڏسن پيا.

هوريان هلڻ کي تيز هلن پيا،
ڳول چوڌاري چڙ کي گهمن پيا.

رنگ برنگي دل کي وڻن پيا،
هڪ هنڌ بيهي، ٽڪ هڻن پيا.

هل تين ٿا، نعرا لڳن ٿا،
ٻالڪ هڪ ٻي کي ٿه چون ٿا.

آهي ڪو جو ڳوءِ پڄائي،
فنڪاري سان ڏور هلائي.

هٿ تي لاٽونڙا ڦيرائي،
پنهنجو لاٽون تيز ڊوڙائي.

ڪيچل ڪن ٿا ڪجڪا ڪن ٿا،
لاٽون لاٽون چوٽ رکن ٿا.

ننڍڙا ننڍڙا ٻار ڏسن ٿا،
پٽ تي لاٽون هيٺ ڦرن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات

رات جو راجا ڳالهہ ٻڌائي،
ٻارن کي ٿو ننڊ ڪرائي،

گهر گهر تي، تا تارا ٽمڪن،
کهمن ڦرن تا ڪٽيون ناهي،

هير ڏکڻ جي ٿڌڙي آهي،
اونهاري جو من ٻهلائي،

اوندهہ ۾ آ گوڙ ڪتن جو،
سانت ۾ گدڙ پيو اوناڻي،

ڏيڏر ڪن تا ٽران ٽران ٽران،
ٽڏين چڏيو آ شور مچائي،

ننڊ اچي تہ لوڪ سڀني کي،
چنڊ مامل ٿو مونسان ڳالهائي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورزش

ٻارو پنھنجو خيال رکو،
صبح سويري ورزش ڪيو.

ٿڪبو ڪين ڪڏھن سو ٻار،
ورزش ڪندو جيڪو ٻار.

ورزش سڀ تي آھي لازم،
ٻار ٻڍي کي رکي ٿي سالم.

راحت جان کي پھچائي ٿي،
ذھن سچي کي ڊوڙائي ٿي.

کليل ھوا ۾ ساھہ کڻو،
ساوڪ تي وڃي ڊُڪو گھڻو.

ننڍڙا وڏڙا .فن سکو،
روز سڀئي ڪا راند ڪيو.

ڪڏھن نہ پاڻ کي سُست رکو،
تن کي ھردم چست رکو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪِڪِڙي

گيت خوشيءَ مان دل ٿي ڳائي،
ننڍڙي ڪِڪِڙي ڇني آهي.
ڏاڏو ڏاڏيا ٺهڪ ڏئي ٿو،
آڳر ۾ ڦيرائيون پائي،
گيت خوشي مان دل ٿي ڳائي
ڏاڏي امان لاڏا چوائي،
گهر گهر پٽي منائي ورهائي،
گيت خوشي مان دل ٿي ڳائي
بابو امڙ مشڪن مرڪن،
ننڍڙي ڪڪيءَ سان ڳالهائي،
گيت خوشي مان دل ٿي ڳائي
دائي مائي ڪنڌ ڪٽي ڏس،
اوڙي پاڙي ٿي پهچائي،
گيت خوشي مان دل ٿي ڳائي
ڪنزا بي بي ڪانڌ آ توکي،
پيڻ منهنجيءَ جي ڇني آهي،
گيت خوشي مان دل ٿي ڳائي

* ڪانڌ = دعوت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀولي

ڏبڪي وڃائي ڏب ڏب ڏب،
فقير ٻيٺو ڀوليءَ سان.

ڀولي نچي ٿي ماڻهو ڪلن ٿا،
فقير جو ڪم، پائوليءَ سان.

ڀولي ٽپ ڏئي چنبڙي ٿي،
فقير جي تہ چوليءَ سان.

ڀولي اٿي ٿي ڀولي ويهي سي،
فقير جي هڪ ٻوليءَ سان.

ڀولي ڪڏ تي سمهي پوي ٿي،
فقير جي مٺي لوليءَ سان.

ڀولي ٽب مان ڀري وٺي ٿي،
فقير کان پاڻي ڏوليءَ سان.

ڏبڪي وڃائي ڏب ڏب ڏب،
فقير ٻيٺو ڀوليءَ سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاڙي

هڪڙو چوڪر ٻاڙي هو،
ڏاڍي هٺندو ڄاڙي هو.
هر هر ڪوڙ ڳالهائي هو،
ڪنهندو پنهنجي ڪياڙي هو.

ڪڏهن نہ هو اسڪول ويو،
ڪڏهن نہ هن ڪو سچ چيو.
ٽوري، ٽوري، ڳالهہ تي هو،
هٽ تي هٺندو تاڙي هو.
هڪڙو چوڪر ٻاڙي هو،

ماءُ پيءُ بہ ڪوشش ڪئي.
زندگي هن جي ڪانہ ٺهي،
سائين سندس ساٿ ڏنو.
پربي همٿ هو پاڙي هو،
هڪڙو چوڪر ٻاڙي هو،

تعليم نہ ڪوئي هنر هيس.
گهر جو جڏهن بار پيس،
تڏهن اچي پڇتاءُ ٿيس.
مزدور ٿي ڪندو واڙي هو،
هڪڙو چوڪر ٻاڙي هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائيڪل

سائيڪل منهنجي پياري آهي،
ٻن ڦيٿڙن واري آهي.

اڳيان لڳل هاڙن اٿس،
پيو وڄايان ڪيان نه بس.

هن جي پويان سيٽ لڳي ٿي،
گھنٽي ۽ هينڊل سان ٺهي ٿي.

گول مان هن کي ڦيرايان ٿو،
ڄڻ ته هوا ۾ لهرايان ٿو.

پويان ڀيڻ چڙهي ويهي ٿي،
ڏاڍيان هلاءِ مونکي چوي ٿي.

سائيڪل تي سوار ٿيان ٿو،
ان کان پهريان ڪيس ڌُئان ٿو.

ڪڏهن نه ڦيٿو جام ڪري،
ميڙ ٻارن جا عام ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻُلهڻ

اڇو تہ ڀارو گهمون سنڌو،
ٻلهڻ ڏسڻ هلون سنڌو.

سنڌو وهي ٿو "چڪ" جي ٿَرَ ۾،
ٻلهڻ ترِي ٿي ان جي جر ۾.

سنڌي ۾ هي ٻلهڻ سڏائي،
"ڊولفن" انگلش ۾ ٿي چوائي.

ڏسڻ ۾ مڇيءَ وانگر آهي،
هوءَ ۾ دريائي جانور آهي.

هوشيار آ ڏاڍي وڻندي آ،
ٽوٻن سان گڏ ترندي آ.

پنهنجن ٻچڙن کي تہ سنڀاري،
زائفن وانگر کير پيئاري.

ڪي ڪي ماڻهو ظالم آهن،
هن کي ماري تيل ڪمائن.

گڏجي هن جو نسل بچايون،
اچو ٻلهڻ کي تحفظ ڏياريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوهر

ڪوهرن جو اڄ ڪاڄ آ،
پٽي ٻارن ۾ ڀاڄ آ.

ڪٽڪ جا ڪوهر پڪا آهن،
چاهه مان ٻالڪ سارا کائن.

گرما گرم نرم نرم،
کائو "چاندني" ڪر نه شرم.

چاش ۾ ٿا ڪوهر پچن،
مٺڙا مٺڙا چسڪا اچن.

ٻار ڪڏي ٿا نچي چون،
هر هر ٻاڙ کي ڪوهر ملن.

"زينت" تون به کائي ڏس،
پڪل ڪوهر گڙ جي رس.

تون به چوين پوءِ ٻلي ٻلي،
ڪوهرن جو موتکي پت ملي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳاڏيڙو

ڳاڏيڙو تو ڳول ڦري،
چوڏاري چيڪٽ تو ڪري.

ڳاڏيڙو آ منهنجو پيارو،
ڪاٺ مان ٺهيل آهي سارو،
ڪوبہ نہ مونکان وٺي گهري
ڳاڏيڙو تو ڳول ڦري

ڦندڻن وارو ڳل گلابي،
ڳاڏيڙو آ منهنجو نوابي.
ڇٽ ڪپرو آ ذري، ذري،
ڳاڏيڙو تو ڳول ڦري

آءٌ تہ پائو گوءِ پڇايون،
ڳاڏيڙا اڄ پنهنجا پڇايون،
ڏسون تہ ڪنهن جو تيز چري.
ڳاڏيڙو تو ڳول ڦري

ڳاڏيڙو ويو ڪٿي منهنجو،
سڀ کان اول آهي پهتو،
ڪوبہ نہ هن سان ڏڪي پڇي.
ڳاڏيڙو تو ڳول ڦري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لغڙ

اُپ ۾ لغڙ اُڏرن پيا،
ڏس ڏس ڪيئن نہ وچڙن ٿا.

ڳاڙها ڪارا نيلا پيلا،
ننڍڙا وڏڙا رنگ رنگيلا.

مٿي چڙهن ڪي هيٺ لهن،
هڪ ٻي ۾ ٿا گهُت هڻن.

ٻچ ڪٽر ڪي ڏگهہ ڏگهيرا،
ڏور اڏامن ڄڻ ڪي ڳيرا.

گوهي هٿي ٿا پيچي وجن،
هڪ ٻي جي ٿا ڪئ پون.

ڏور ڪٽي ٿا، پٽ ني ڪرن،
ٻار ٻوڙي ٿا لغڙ ڪڻن.

اونهاري جي موڪل ائن،
ڪرسو شال ڏينهن نہ ڏسن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُڪڙ

صبح ٿيڻ تي آهي ادل، اٿ اٿ ساجهر جلدي تون،
ڪڪڙ ڪري ٿي ڪِڙڪِڙ ڪون.

ننڍڙا چوزا بند پيا هن، پرڙا پنهنجا ٿا ساهن،
ڪول انهن کي ٻاهر ڪڍ، ٻک کان ڪن ٿا چون چون چون.
ڪڪڙ ڪري ٿي ڪِڙڪِڙ ڪون.

منهن ڌوئي تون داڻو ڏي، ڪُڪِڙ به توکي آنو ڏي،
ڪڪڙ چوي ٿي دير نه ڪر، بيضو لاٿو تو لئه مون،
ڪڪڙ ڪري ٿي ڪِڙڪِڙ ڪون.

پڪل بيضو کاءُ مانيءَ سان، جلدي هل اسڪول هلون،
سبق پنهنجو ياد ڪريِ تون ڪوڙا پڙهه، ايڪ ڏون ڏون.
ڪڪڙ ڪري ٿي ڪِڙڪِڙ ڪون.

ٺُڪِ ٺُڪِ ڪري ڪڪڙ سڏي ٿي چوزن پنهنجن کي،
ڪاٿي گم ٿي ويا آهن، اٿ ڳول، "سرمد"، "سارنگ" تون،
ڪڪڙ ڪري ٿي ڪِڙڪِڙ ڪون.

سرود(تحسيني)، پٽ غلام محمد غازي، عبدو سارنگ لطيف، پٽ گوهر سنڌي، رستم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لولي

لولي لولي لولي لولي،
توکي جيجل جي آ لولي.

ٻچڙا جڏهن، وڏو ٿيندين تون،
بيهي امڙ کي، سڏڙو ڏيندين تون،
ٻول ٻوليندين، پنڌڙو ڪندين تون،
توکي جيجل جي آ لولي،
لولي لولي لولي لولي.

توکي جيجل جا آ لولي،
ڏاڍ جا ڪنگرا ٽوڙيندين تون،
ٻنڌڻا پنهنجا ڇوڙيندين تون،
توکي جيجل جي آ لولي،
لولي لولي لولي لولي.

پنهنجي جواني ماڻيندين تون
ڏيهه جا ڏونگر ڏاريندين تون.
نا حق ڪڏهن نه لوڙيندين تون
توکي جيجل جي آ لولي،
لولي لولي لولي لولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي جيجل جي آ لولي
قوم جو مان وڌائيندين تون
جوڙو سنڌ جو ٿيندين تون
توکي جيجل جي آ لولي
لولي لولي لولي لولي

ماءُ جي ٿڃ ملهائيندين تون
سوڀ سندا گل پائيندين تون
ڌرتي خاطر سر ڏيندين تون
توکي جيجل جي آ لولي
لولي لولي لولي لولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعارف

عبدالڪريم شاه آزاد بخاري ڪنهن به سڃاڻپ يا تعارف جو محتاج نه آهي. منهنجي ٻنهي جي مرشد مولوي عبدالڪريم شاه جي پوٽي، سنهڙي، سيڪڙي اکين تي عينڪ پائيندڙ استاد آزاد بخاري کي هرڪو سڃاڻي چڪو آهي ٿو. هو سياسي، سماجي، قومي، ادبي ۽ پنهنجي استادن واري تنظيم ڪسٽا سان به واسطو رکي ٿو، پر انساني حقن جي تنظيم جو به مشهور معروف ڪارڪن آهي. جيتري قدر ڪيس منهنجي سڃاڻ جو واسطو آهي ته هي منهنجو شاگرد رهيو آهي. سون عبدالڪريم شاه آزاد بخاري کي هر ميدان ۾ اول ڏٺو آهي. چڪ شهر ۾ پهريائين هن ٻارڙن جي تنظيم جوڙي، پهرين عورتن جي سياسي تنظيم قائم ڪرائي. چڪ شهر جو هو پهريون نوجوان صحافي رهيو آهي. چڪ شهر جو پهريون ڪالم نگار هي آهي. چڪ شهر جي ادبي ميدان ۾ پهريائين صاحب ڪتاب بڻيو ۽ "سندر ناري" ناٽي ڪهاڻين جو ڪتاب ميدان ۾ آندو.

چڪ شهر جي شاعرن مان پهريائين هن جو ٻاراڻي شاعري تي ڪتاب آيو. جيڪو توهان قارئين جي هٿن ۾ آهي. پنهنجي تهي جي هن گهڻ رخي آرٽسٽ هڳاءُ رکندڙ عبدالڪريم شاه آزاد بخاري هن ڪتاب کان اڳ به ڪتاب، رواداري ۽ ابو شوڪت حمزو به ادبي ميدان ۾ اچي چڪا آهن. جن کي خوب پڙهندڙن کان پسند ڪيو ويو آهي.

سندس هي ڪتاب "گل خوشبو ٻار" ٻاراڻي شاعري تي آهي جيڪو ٻارڙن کي چاڻ ڏيڻ سان گڏ وندرائي محظوظ ڪري ٿو. سندس شعرن جو ردم ڏاڍو وڻندڙ ۽ لئه وارو آهي اميد ته ڪيس پڙهندڙن جي طرفان سٺي موٽ ملندي. قادر سندس قلم ۾ زور زياده ڪري!

غلام علي چنا

چڪ ضلعو شڪارپور

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book